# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريه 2013

# SINDH ACT NO. XVIII OF 2013

# سنڌ قانون (ترميم) ايڪٽ، 2012

# THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ACT, 2012

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. قانونن جي ترميم
Amendment of Laws

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريه 2013

# SINDH ACT NO. XVIII OF 2013

# سنڌ قانون (ترميم) ايڪٽ، 2012

# THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ACT, 2012

[19 مارچ 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي ارڙهين ترميم کان اڳ سمورن قانوني ڪاغذن ۾ صوبي جي نالي جي هجي درست ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 1 ۾ لفظ "Sind" لاءِ لفظ "Sindh" کي آئين (ارڙهين ترميم) ايڪٽ، 2010 تحت متبادل بڻايو ويو آهي، ۽ اهو ضروري ٿي پيو آهي ته سمورن ايڪٽس، آرڊيننسز، قاعدن، ضابطن، نوٽيفڪيشنز، حڪمن، باءِ لاز يا ٻين قانوني دستاويزن، جيڪي سنڌ صوبي ۾ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 1 تحت قانون لاڳو ڪرڻ ۾ شامل هجن، انهن ۾ تبديلي ڪئي وڃي؛

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ قانون (ترميم) ايڪٽ، 2012 سڏيو ويندو.

(2) ان جي پوري صوبي "سنڌ" تائين توسيع ڪئي ويندي؛

(3) اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ 14هين آگسٽ، 1973 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين مفهوم ڪجهه بيو نه هجي، هيٺين اظهارن کي ترتيبوار هن ريت معنيٰ ڏنل آهي، يعني:

(a) "ايڪٽ" مطلب صوبي سنڌ ۾ لاڳو سمورا ايڪٽس؛
(b)"آرڊيننسز" مطلب صوبي سنڌ ۾ لاڳو سمورا آرڊيننسز؛ ۽
(c) "قاعدا، ضابطا، نوٽيفڪيشنز، آرڊرز يا باءِ لاز" مطلب ڪنهن ايڪٽ يا آرڊيننس جي گنجائشن تحت جوڙيل يا جاري ڪيل سمورا قاعدا، ضابطا، نوٽيفڪيشنز، آرڊرز باءِ لاز.

قانونن جي ترميم
Amendment of Laws

3.سمورا موجود قانون بشمول ڪنهن ايڪٽ ۽ آرڊيننسز جي؛ ۽ قاعدن، ضابطن، نوٽيفڪيشنز، حڪمن، باءِ لاز يا ڪي بيا قانوني دستاويز جيڪي هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ، سموري يا صوبي "Sind" جي ڪنهن حصي ۾ قانون جي حيثيت رکن پيا، هاڻي "Sindh" ترميم ڪيو ويندو جيئن هن کان پوءِ بيان ڪيو ويو آهي، جهڙوڪ:

(a) ايڪٽس ۽ آرڊيننسز ۾:
(i). لفظن "An Act" يا "An Ordinance"، جيئن معاملو هجي، کان اڳ ايندڙ لفظ "Sind" کي لفظ "Sindh" سان تبديل ڪيو ويندو.
(ii). ڪنهن بي دفعه ۾، جتي به لفظ "Sind" اچي ان کي لفظ "Sindh" سان تبديل ڪيو ويندو.

(b)ڪنهن ايڪٽ يا آرڊيننس تحت جاري ڪيل يا جوڙيل قاعدن، ضابطن، نوٽيفڪيشنز، حڪمن يا باءِ لاز يا ڪنهن ٻئي قانوني دستاويز ۾ جتي بہ لفظ "Sind" اچي ، ان کي لفظ "Sindh" سان تبديل ڪيو ويندو.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**